1. ڊاڪٽر محمد علي لغاري
2. ڊاڪٽر نصرالله ڪابورو

# مرزا قليچ بيگ جون سنڌ جي تاريخ بابت علمي خدمتون

# Services of Mirza Kalich Beg for the History of Sindh

***Abstract:***

*Shams-ul-Ulama Mirza Kalich Beg was born 4th of October, 1853A.D in the historical city of Sindh hyderabad's suburban part Tando Thorho. He got his early education from hyderabad later moved for further higher studies toward Bombay's Elfiston College in year 1873A.D, after completion of his higher studies, he had joined Sindh Revenue department as a Mukhtiyarkar where from he retired after prolong services as Deputy Collector.*

*Mirza Kalich Beg written on varieties of topics on different subjects in that history of Sindh wa also his area of interest through he wrote dawn few books on that subject but whatever he wrote many placed as a fundamental primary source on that subject. In this article we highlight the contribution of Mirza Kalich Beg for the history of Sindh.*

تاريخ علم ادب جو هڪ اهڙو شعبو آهي، جنهن وسيلي نه رڳو قوم جي فردن کي پنهنجي ماضي کان شناسائي حاصل ٿئي ٿي پر گڏوگڏ منجهن حال ۾ موجود واقعن ۽ شين جي پس منظر ۽ محرڪن کي بهتر طور تي سمجهڻ جي صلاحيت پڻ حاصل ٿئي ٿي. جنهن ڪري جيڪي قومون تاريخي واقعن ۽ حقيقتن جي سهيڙ ۽ ترتيب سان گڏ تعليم ۽ تربيت جي عمل وسيلي انهن کي ذهن نشين رکنديون آهن، اهي مستقبل ۾ ڪاميابين ۽ ڪامرانين جا مرتبا حاصل ڪنديون آهن.

سنڌ جي تاريخ جي سهيڙ، ترتيب ۽ تصنيف وتاليف جو سلسلو جيتوڻيڪ لکت جي صورت ۾ ته قديم دور کان هلندو پئي آيو تحفة الڪرام، تاريخ معصومي، تاريخ طاهري ۽ ٻيا قلمي ڪتاب درس وتدريس جي عمل ۽ ڪتب خانن جي زينت بڻبا پئي رهيا. پر جڏهن 1843ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي، تڏهن سنڌ واسي پريس جي مشيني ڇپائي واري دور سان وابسته ٿيا. اهڙي ريت ڇپائي جي انهي جديد سهولت ملڻ ڪري ٻين علمي شعبن سان گڏوگڏ سنڌ جي تاريخ بابت ڪتابن جي باقاعده اشاعت پڻ عمل ۾ آئي. 1857ع ۾ سنڌي ٻوليءَ کي

---

1. اسسٽنٽ پروفيسر، شعبو مسلم هسٽري، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
2. اسسٽنٽ پروفيسر، شعبو مسلم هسٽري، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

باضابطہ طور سنڌ جي تعليمي، تدريسي ۽ دفتري زبان جو درجو ملڻ ڪري سنڌ واسين کي علمي ادبي ڪمن جي سلسلي ۾ اڳيان وڌڻ جو اتساهه حاصل ٿيو. سنڌ جي تعليم کاتي پاران باقاعده مختلف موضوعن تي سنڌي ڪتاب شايع ٿيڻ شروع ٿيا. ڊاڪٽر الهرکيو ٻٽ ان ابتدائي صورت حال جو تفصيل بيان ڪندي لکي ٿو: "1869ع ۾ ڇپائي جو ڪم زورشور سان هلندو ٿي ويو ته ان سال 10 اهم ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا، جيڪي هن ريت هئا. (1) تاريخ سنڌ (1000 ڪاپيون)، (2) سنڌي ٻيو ڪتاب (ٽيون ڇاپو)(1000ڪاپيون)، (3) بمبئي کاتي جي جاگرافي گرڊنو مل لال سنگ (1000 ڪاپيون)، (4) باب نامو (ستون ڇاپو)(2000 ڪاپيون)، (5) ڪامسين ۽ ڪام روپ جو قصو (1000ڪاپيون)، (6) سنڌي ٽيون ڪتاب (ٽيون ڇاپو)(1000 ڪاپيون)، (7) انگي حساب ڪرشنا شاستري جو(1000 ڪاپيون)، (8) سنڌي پهريون ڪتاب (گرمکي ۾)(1000 ڪاپيون)، (9) سنڌي ٻيو ڪتاب (گرمکي ۾) (1000 ڪاپيون) ۽(10) تاريخ انگلينڊ(500ڪاپيون)".(1)

ان بعد 1876ع واري سال ۾ سنڌ جي تعليم کاتي پاران آلو مل ٽيڪچند جو "سنڌ جي تاريخ" ۽ آخوند محمد رمضان جو "سنڌ جي تاريخ" پڻ ڇپجي پڌرا ٿيا. اهڙي ريت سنڌ جي تاريخ بابت تصنيف، تاليف، تحقيق جي اشاعت جو هڪ سلسلو هلي پيو. ان دور ۾ سنڌ جي ناميارې عالم ۽ اديب شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جا پڻ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيڻ لڳا.

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ 4 آڪٽوبر 1853ع تي سنڌ جي مشهور شهر حيدرآباد جي ٽنڊي ٺوڙهي ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم حيدرآباد مان حاصل ڪرڻ بعد 1873ع ۾ ايلفنسٽن ڪاليج بمبئي مان اعليٰ تعليم حاصل ڪري سنڌ جي روينيو کاتي ۾ مختيارڪار ٿيو ۽ 1901ع ۾ ڊپٽي ڪليڪٽر جي عهدي تان رٽائر ڪيائين. سندس علمي ادبي خدمتن تي روشني وجهندي محترم جي ايم سيد لکي ٿو: "هن زندگي ۾ اٽڪل 300 کن ڪتاب لکيا، جن مان گهڻو حصو ٻين ٻولين جي ڪتابن جو ترجمو هو. هن جو مکيه مقصد گهڻن ڪتابن لکڻ سان سنڌي ٻولي کي وسيع معلومات جي ذخيري مهيا ڪري ڏيڻ جو هو. هن وقت 461 ڪتاب پڌرا ٿي چڪا آهن."(2)

مرزا صاحب جتي ٻين موضوعن تي ڪتاب تصنيف، تاليف ۽ ترجمو ڪيا، اتي هن سنڌ جي تاريخ تي به خاص طور ڌيان ڏنو. جنهن جي نتيجي ۾ سنڌ جي تاريخ بابت سندس شايع ٿيل ڪتاب جيتوڻيڪ تعداد ۾ ته گهٽا نه آهن پر بنيادي ماخذ هجڻ ڪري انهن جي اهميت اڄ به اوتري ئي مڃيل آهي. هيٺ سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان مرزا قليچ بيگ جي تصنيف، تاليف ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جو جائزو پيش ڪجي ٿو:

## 1. چچ نامي جو انگريزي ترجمو:

"چچ نامو" سنڌ جي تاريخ جي بنيادي ماخذن مان هڪ اهم ڪتاب آهي، جنهن جو فارسي مان انگريزي ترجمو مرزا صاحب ڪيو. هن ڪتاب جو پهريون ڀاڱو 1900ع ۾ ڪمشنرس پريس ڪراچي مان شايع ٿيو. مرزا صاحب کي هن علمي ڪم ۾ تمام گهڻي

محنت ڪرڻي پئي. جيئن پاڻ ان جي "تمهيد" ۾ لکي ٿو: "ڪتاب جي ترجمہ ڪرڻ ۾ مون کي ڪافي تڪليفون پيش آيون. منهنجي قلمي نسخہ ۾ ايتريون تہ چڪون ۽ خال هئا، جو مون کي ڪتاب جا جيترا ٿي سگهيا اوترا ٻيا قلمي نسخا هٿ ڪرڻا پيا. ان جي لاءِ تہ پنهنجي نسخہ کي انهن سان ڀيٽي غلطين جون درستيون ڪريان ۽ خالن کي پريان. مون کي حيدرآباد، ٺٽہ، سکر ۽ شڪارپور مان دوستن جي مهرباني سان 7 يا 8 نسخا هٿ آيا. ۽ ان بعد ڪافي محنت ۽ ڪاوش سان، ۽ عربي عالمن جي مدد سان مون (عبارت جون) درستيون ڪيون. ۽ جيترو ٿي سگهيو اوترو خال پريا (مگر بدقسمتي سان سڀني قلمي نسخن ۾ چڪون ۽ خال هئا). ان بعد مون ڪتاب جو حتي الامڪان لفظ بہ لفظ ترجمہ ڪيو. مون ڪافي حاشيا ۽ حوالا پڻ ڏنا آهن جي مفيد ثابت ٿيندا. ازانسواءِ مشترڪ واقعات بابت مون تاريخ معصومي ۽ تحفة الڪرام جي بيانن جا اقتباسات پڻ پيٽ خاطر ڏنا آهن. قرآن شريف جي آيتن لاءِ رڪوع ۽ سورتن جا حوالا مون سيل (Sale) جي انگريزي ترجمہ تان ڏنا آهن. ۽ رچرڊسن جي ٽيبل تان مون هجري سالن جا مسيحي سال درج ڪيا آهن."(3)

مرزا صاحب جي ڄاڻايل اقتباس مان واضح آهي تہ ڪيس سنڌي جي تاريخ کي حتي الامڪان صحيح ۽ بهتر طور تي شايع ڪرائڻ جو ڪيترو نہ اونو هو.

## 2. هسٽري آف سنڌ:

هي ڪتاب ٻن ڀاڱن تي مشتمل آهي ۽ انگريزي ۾ ڪمشنرس پريس ڪراچي مان 1902ع ۾ شايع ٿيو. پهرين ڀاڱي ۾ عربن جي فتح کان ڪلهوڙن جي دور تائين جو احوال ڏنو ويو آهي. جڏهن تہ ٻئي ڀاڱي ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور جو احوال انگريزن جي فتح تائين فارسي ڪتابن تان ترجمو ڪري ڏنو ويو آهي.

هن ڪتاب جي تياري جي سلسلي ۾ مرزا صاحب ڪافي تحقيق ۽ جاکوڙ ڪئي. جيئن شمس العلماء عمر بن محمد داؤد پوٽو لکي ٿو: "پڻ چچ نامي، تاريخ معصومي، تحفة الڪرام ۽ ٻين ڪتابن جو مطالعو ڪري انگريزي ۾ هڪ مبسوط ۽ سلسليوار سنڌ جي تاريخ لکي اٿس، جو ڪم هيل تائين ڪنهن بہ نہ ڪيو آهي." (4)

## 3. هسٽري آف ٽالپر رول:

سنڌ جي ٽالپر حڪمرانن جي دؤر بابت هي ڪتاب مرزا صاحب انگريزي ۾ 1928ع ۾ لکيو. جيڪو ببليوگرافي موجب 218 صفحن تي مشتمل هڪ مخطوطو آهي پر اهو بہ اڻ لڀ آهي.

## 4. سنڌ جي تاريخ:

هي ڪتاب مرزا صاحب سنڌي ٻولي ۾ سنڌ جي اسڪولي شاگردن جي مطالعي خاطر لکيو. جيئن پاڻ ان جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو: " پڌرو هجي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌ جي چڱي تاريخ جي گهٽي گهرج هئي. اسڪولن جي ڪم لاءِ هڪڙي مختصر سنڌي تاريخ آهي مگر وڏيڪ مفصل تاريخ جا ٻارن کي توڙي وڏن کي پڙهڻ ۾ ڪم اچي سا ڪا نہ هئي. تنهنڪري مون هي

ڪتاب انگريزي مارسڊن صاحب واري هندوستان جي تاريخ جي نموني تي لکيو. انهي ۾ گهڻو ۽ ضروري احوال مختصر طرح ۽ سليس عبارت ۾ ڏنل آهي. اهو گهڻو ڪري پارسي ڪتابن مان ورتل آهي ۽ انهيءَ جي پچاڙيءَ ۾ ڪي تصويرون بہ ڏنيون ويون آهن.“ (5)

تازو 2019ع ۾ هن ڪتاب جو ٻيو ايڊيشن مرزا قليچ بيگ جي هڪ ٻئي ڪتاب ”سنڌ جي مختصر جاگرافي“ سان گڏ ”سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي مختصر جاگرافي“ جي عنوان سان شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر پاران شايع ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخ جي قديم دؤر کان انگريزن جي دؤر تائين مختصر مگر جامع احوال ڏنو ويو آهي. هي ڪتاب ڪل 33 بابن تي مشتمل آهي، جيڪي پڻ مختصر آهن. آخر ۾ سنڌ جي ٽالپر ۽ انگريز حڪمرانن جون تصويرون پڻ ڏنيون ويون آهن.هن ڪتاب ۾ جيڪي باب شامل آهن، انهن جا عنوان هيٺينءَ ريت آهن:

1. سنڌ ۽ ان جا جبل ۽ ٻيا سڪي ۽ پاڻي جا ڀاڱا
2. سنڌ جون قديم قومون
3. سنڌ جا اصلوڪا هندو
4. ٻاهريون قومون جن سنڌ تي ڪاهہ ڪئي
5. راجا سهيرس راءِ جي ڳالهہ
6. راءِ ساهسي، چچ برهمڻ ۽ راڻي سهندي جي ڳالهہ
7. چچ جو راڄ
8. چچ جي ڀاءُ چندر جو راڄ
9. چچ جي پٽن ڏاهر ۽ ڏهر سئين ۽ انهن جي ڀيڻ
10. راجا ڏاهر جو راڄ
11. عربن جو احوال
12. عربن جو هند ۽ سنڌ ۾ اچڻ
13. محمد قاسم ثقفي جي سنڌ تي ڪاهہ
14. محمد قاسم ۽ راجا ڏاهر جي جنگ
15. ساري سنڌ جو فتح ٿيڻ
16. راجا ڏاهر جي ڌين جو وير وٺڻ ۽ محمد قاسم جو موت
17. خليفن جي نائبن جي سنڌ ۾ حڪومت
18. دهلي جي بادشاهن ۽ سندن نائبن جي سنڌ ۾ حڪومت
19. سومرن جي سنڌ ۾ حڪومت
20. سمن جي سنڌ ۾ حڪومت
21. ارغون گهراڻي جي سنڌ ۾ حڪومت
22. مرزا شاهہ حسن ارغون جو راڄ

23. ترخان گهراڻي جي سنڌ ۾ حڪومت
24. مرزا جاني بيگ ۽ مرزا غازي بيگ ترخانن جا راڄ
25. دهلي جي بادشاهن جي صوبہ دارن جي سنڌ ۾ حڪومت
26. ڪلهوڙن جي سنڌ ۾ حڪومت
27. ميان نور محمد ۽ محمد مراد ۽ عطر خان جا راڄ
28. ميان غلام شاھ ۽ محمد سرفراز جا راڄ
29. ميان غلام نبي ۽ عبدالنبي ۽ صادق علي جا راڄ
30. ٽالپرن جي سنڌ ۾ حڪومت
31. مير نور محمد خان ۽ مير محمد نصير خان جا راڄ
32. ٽالپرن ميرن جي هلت چلت ۽ حڪومت جو انتظام ۽ ماڻهن جي حالت ۽ ملڪ جو حال
33. انگريز سرڪار جي سنڌ ۾ حڪومت ۽ سنڌ جا ڪمشنر صاحب بهادر

## 5. سنڌ جي تاريخ (ننڍي):

هي سنڌ جي مختصر تاريخ آهي، جيڪا مرزا قليچ بيگ جي ڪتابن جي ڇپيل ببليوگرافي موجب 1915ع ۾ شايع ٿي. پر هينئر اڻ لڀ آهي.

## 6. قديم سنڌ، ان جا شهر ۽ ماڻهو:

هن ڪتاب پهريون ايڊيشن 1921ع ۾ شايع ٿيو پر غلطي وچان سنڌي ادبي بورڊ پاران ان جي 1966ع ۾ شايع ٿيل ٻئي ايڊيشن ۾ ان جي پهرين ايڊيشن جو سن 1925ع ڄاڻايو ويو آهي. جيئن "ناشر طرفان بہ اکر" ۾ محمد ابراهيم جويو لکي ٿو: "سنڌي زبان جي عظيم محسن شمس العلماء مرحوم ميرزا قليچ بيگ جو هي بينظير ڪتاب اڄ کان چاليهہ سال اڳ سنڌ جي صوفي سنت سرگواسي ڪاڪي جيٺ مل پرسرام سال 1925ع ۾ بلئو تسڪي پريس حيدرآباد مان ڇپائي بندو آشرم حيدرآباد مان نئين سنڌي لائبريري سلسلي جو 10 نمبر ڪتاب ڪري شايع ڪيو هو."(6)

هن ڪتاب جو جڏهن ٻيو ايڊيشن شايع ڪيو ويو تڏهن ان سان گڏ موضوع سان لاڳاپيل هجڻ ڪري مرزا قليچ بيگ جو 1923ع ۾ شايع ٿيل هڪ ٻيو ڪتاب "قديم سنڌ جا ستارا" پڻ هڪ جلد ۾ شايع ڪيو ويو. هي ڪتاب قديم سنڌ جي تاريخي طور ناميارين شخصيتن بابت آهي، جيئن پاڻ لکي ٿو: " هن ننڍڙي ڪتاب ۾ قديم سنڌ جا ستارا ڏنا ويا آهن. قديم سنڌ جي معنيٰ سؤ کن ورهين کان اڳ جي سنڌ سمجهڻ گهرجي، يا انگريز سرڪار جي حڪومت کان اڳئين. ۽ ستارن مان مطلب آهي: اهي مخصوص مشهور عالم ۽ فاضل جي مصنف ۽ شاعر بہ هئا."(76)

هي ڪتاب ڪل ڇهن بابن تي مشتمل آهي جن جا عنوان هيٺين ريت آهن:

(1) بکر، روهڙي ۽ آسپاس وارو ملڪ
(2) سيوستان (سيوهڻ)، چانڊڪو (لاڙڪاڻو ۽ آسپاس وارو ملڪ

(3) نيرون ڪوٽ (حيدرآباد)، درٻيلو بدين ۽ آسپاس وارو ملڪ
(4) ڪوهستان، ڪڪرالہ، ساڪره ۽ آسپاس وارو ملڪ
(5) ٺٽہ (ٺٽي) ۽ آسپاس وارو ملڪ
(6) متفرقہ عالم ۽ فاضل، مصنف ۽ شاعر

هن ڪتاب جي آخر ۾ سنڌ جي ڪن قديم خاندانن جا شجرا پڻ ڏنا ويا آهن، جيڪي هيٺين ريت آهن:

1. سومرن جو خاندان
2. سمن جو خاندان
3. ڪلهوڙن (عباسين) جي خاندان جو شجرو
4. ٽالپرن بلوچن ميرن جي خاندان جو شجرو
5. سيد عبدالڪريم بلڙي واري ۽ شاه عبداللطيف ڀٽائي جو شجرو
6. ديوان گدومل جو شجرو
7. نواب ولي محمد لغاري جو شجرو
8. نواب محمد خان ٿوڙهي جو شجرو
9. آغا ابراهيم شاه ۽ آغا اسماعيل شاه جو شجرو
10. مرزا خسرو بيگ ۽ ٻين گرجي مرزائن جا شجرا
11. سيد ثابت علي شاه جو شجرو
12. سچيڏني يا سچل فقير درازن واري شاعر جو شجرو

## 7. رياست خيرپور جي تاريخ:

ان دؤر ۾ جڏهن اجان سنڌ جون ڪي مفصل تاريخون منظر عام تي ڪونہ آيون هيون تڏهن خاص طور سنڌ جي هڪ پرڳڻي "خيرپور رياست" جي تاريخ لکڻ جو خيال مرزا صاحب جي ذهن ۾ ڪيئن آيو پاڻ ان بابت لکي ٿو: " هندوستان ۾ گهڻو ڪري سڀني هندو توڙي مسلمان راجواڙن ۽ رياستن جون مفصل تاريخون لکيل آهن جي انهن رياستن جي والين ڇپائي پڌريون ڪيون آهن، مگر سنڌ ۾ جيڪا فقط هڪڙي رياست خيرپور جي آهي، تنهن جي اهڙي ڪا مفصل تاريخ ڇپايل نظر ڪانہ آئي. ہہ تي ورهيہ ٿيا تہ پالن پور رياست جي تازي تاريخ اردو ۾ لکيل ۽ رياست جي ڇپايل ان جي مصنف سيد گلاب ميان مير منشي مهرباني ڪري تحفي طور مون ڏي موڪلي. اها اهڙي خوشخط لکيل ۽ ڇپايل هئي ۽ ڪاغذ اهڙا عمدا ڪم آيل هئا ۽ جلد اهڙو خوبصورت ٻڌل هو ۽ وري منجهس ايتريون تصويرون ڏنل هيون، جو تعريف ڪرڻ کان ٻاهر آهي. اهڙو ڪتاب هر ڪنهن ڪتب خاني جو زيب زينت ٿي سگهي ٿو ۽ انهي رياست جو اهو هڪڙو عجيب تحسين جهڙو تحفو سڏي ٿو سگهجي. اهو ڪتاب ڏسي مون کي دل ۾ آيو تہ اسان جي سنڌ ۾ جا خيرپور رياست آهي ۽ تنهن جي ڇو نہ اهڙي تاريخ لکجي"(8)

مرزا صاحب جو 194 صفحن تي مشتمل هي ڪتاب "رياست خيرپور (اڳوڻو ۽ هاڻوڪو احوال)" جي عنوان سان 1922ع ۾ فيض پريس خيرپور ميرس مان شايع ٿيو.

هي ڪتاب ڪل ويهن بابن تي مشتمل آهي، جن جا عنوان هيٺين ريت آهن:

1. خيرپور جي جغرافيائي ۽ بيو طبعي احوال.
2. سنڌ جي قديمي تاريخي احوال هاڻوڪي خيرپور واري ڀاڱي سميت
3. اوائل وارن ٽالپرن ۽ ڪلهوڙن جو احوال.
4. سردار مدد خان جي ڪلهوڙن کي مدد ۽ ميرن جي هٿان شڪست.
5. ميرن جي ڪلهوڙن کي شڪست ڏيڻ ۽ سنڌ فتح ڪرڻ.
6. مير فتح علي خان جي حڪومت ۽ سنڌ جو ورهاڱو
7. هيٺ ڏکڻ ۾ مير غلام علي خان ۽ ڪرم علي خان مراد علي خان جي حڪومت ۽ مٿي اتر ۾ مير سهراب خان جي حڪومت.
8. انگريز سرڪار جا عهدناما ۽ مياڻيءَ جي جنگ ۾ سنڌ جي فتح.
9. انگريز سرڪار جي حڪومت جي شروعات ۽ رياست خيرپور جي حدن جي ڦير گهير.
10. مير سهراب خان ۽ مير رستم خان جي حڪومت.
11. مير صاحب خان ۽ مير رستم خان جي حڪومت.
12. مير علي مراد خان جي حڪومت.
13. مير سهراب خان، مير رستم ۽ مير سر علي مراد خان جي حڪومت ۾ ملڪي انتظام ۽ ماڻهن جي حالت وغيره جو بيان.
14. مير سر فيض محمد خان جي حڪومت.
15. مير امام بخش خان جي حڪومت
16. هزهائنس مير علي نواز خان "ناز" جي مسند نشيني ۽ سندس حڪومت جو شروع ٿيڻ.
17. مير سر فيض محمد خان ۽ مير سر امام بخش خان جي حڪومتن ۾ ملڪي ۽ ماڻهن جي حالت وغيره جو بيان.
18. سر مير علي مراد خان جا وزير، منشي ۽ ٻيا ڪامورا.
19. مير فيض محمد خان، مير امام بخش خان ۽ علي نواز خان جا وزير.

## 8. سنڌ جي تاريخ (وڏي):

ببليوگرافي موجب هي ڪتاب 1922ع ۾ شايع ٿيو پر هينئر ناپيد آهي.

## 9. چچ نامو (سنڌي):

ببليوگرافي موجب هي ڪتاب 314 صفحن تي مشتمل بلوٽئسڪي پريس حيدرآباد مان 1923ع ۾ شايع ٿيو.

سنڌ جي عظيم عالم، اديب، محقق ۽ مورخ شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي سنڌ جي تاريخ جي حوالي سان مٿي ڄاڻايل قلمي ڪاوشن ۽ علمي خدمتن مان اهو پڌري پٽ واضح

آهي تہ سندس سنڌ جي تاريخ جي سهيڙ ۽ ترتيب ۽ اشاعت واري ڪم سان ڪيتري نہ دلچسپي هئي.

## حوالا:


1. ڀُٽ, ڊاڪٽر الهرکيو: "برطانوي دور ۾ تعليم ڪاتي جو اوائلي اشاعتي پروگرام" (مقالو) سہ ماهي مهراڻ, سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2009/1, ص: 40
2. سيد, جي ايم: جنب گذاريم جن سين, جلد پهريون, سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1979ع, ص: 276.
3. بلوچ, ڊاڪٽر نبي بخش خان (تصحيح, تحقيق ۽ تشريح ڪندڙ), امير احمد, مخدوم (ترجمو ڪندڙ): "فتح نامہ سنڌ عرف چچ نامو" (سنڌي ترجمو) سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد 1954ع, ص: 59.
4. داؤد پوٽو علامہ عمر بن محمد: "مضمون ۽ مقالا", شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڪميٽي حيدرآباد 1978ع, ص: 78.
5. قليچ بيگ, شمس العلماء مرزا: سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌ جي مختصر جاگرافي, شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو 2019ع, ص: ڄاڻايل ناهي
6. قليچ بيگ, شمس العلماء مرزا: "قديم سنڌ ان جا شهر ۽ ماڻهو" (ڇاپو ٽيون) سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1990ع, ص: ڄاڻايل ناهي
7. ايضاً,ص:437
8. بيگ, مرزا قليچ: "رياست خيرپور" (ٽيون ايڊيشن) روشني پبليڪيشن ڪنڊيارو 2007ع,ص:9